# 10 محرم جون برڪتون

05-September-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٿي ڀيرا پڙهي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# 10 محرم جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله — وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حُضُور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانو نہ هوندي، ٽي** (3) **شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا- عرض ڪيو ويو: يارسول الله**صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ**! اهي ڪير ماڻهو آهن؟ ارشاد فرمايائون:** (1) **اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري** (2) **منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو** (3) **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو-** (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ١٣١حديث: ٣٦٦ )

*شافعِ روزِ جَزا تم پہ کروروں دُرُود — دافعِ جُملہ بَلا تم پہ کروروں دُرُود*

**صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد**

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**۾ مسئلا:**(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندَس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ۞

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌَندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب!          صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسلامي سال جو آغاز مُحَرّمُ الحَرَام جي بابرڪت مهيني سان ٿيندو آهي، ربّ ڪريم اسان کي اسلامي سال جي هن پهرين مهيني ۾ ئي خوب نيڪيون ڪرڻ ۽ اجروثواب حاصل ڪرڻ جا ڪوڙ موقعا عطا ڪيا آهن، انهيءَ مناسبت سان اڄ جي بيان ۾ اسان مُحَرّمُ الحَرَام جون فضيلتون، هن ۾ عبادت ڪرڻ جون برڪتون، روزا رکڻ، مسلمانن سان خيرخواهي ڪرڻ ۽ راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ جي فضيلتن سان گڏوگڏ هن مقدّس مهيني ۾ بزرگن جي عبادت ڪرڻ جا واقعا بہ ٻڌنديون سين، اللہ ڪري جو اسان سڄو بيان دلجمعي ۽ سنين سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون-

اچو! سڀ ڪان پهريان مُحَرَّمُ الحَرَام جي شان، عظمت ۽ فضيلت جي باري ۾ هڪ واقعو ٻڌون ٿيون،

## عاشوراء جي خيرات جون برڪتون

يومِ عاشوراء (١٠محرّمُ الحرام) تي ملڪ ''رَي'' ۾ ڪنهن قاضي (Qadi) وٽ هڪ سوالي يعني گهرڻ واري اچي عرض ڪيو ته مان هڪ غريب ۽ عِيال دار شخص آهيان، اوهان کي يومِ عاشوراء جو واسطو! منهنجي لاءِ ڏهه ڪلو مانيون، پنج ڪلو گوشت ۽ ٻه دِرهم (چاندي جي اشرفين) جو انتظام فرمايو- قاضيءَ ظهر کان پوءِ اچڻ جو چيائين- جڏهن فقير مقرر وقت تي آيو ته عصر ۾ اچڻ جو چيائين- هو عصر کان پوءِ پهتو ته ٻه ڪجهه نه ڏنائين، هٿين خالي موٽائي ڇڏيو- فقير جي دل ٽٽي وئي- هو غمگين ٿي هڪ غير مسلم وٽ پهتو ۽ ان کي چيائين: اڄ جي مقدس ڏينهن جي صدقي مون کي ڪجهه ڏئي ڇڏ- ان پڇا ڪئي: اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ ته فقير عاشوري جون ڪجهه فضيلتون بيان ڪيون- جنهن کي ٻڌي ان غير مسلم چيائين: اوهان نهايت ئي عظمت واري ڏينهن جو واسطو ڏنو آهي، پنهنجي ضَرورت بيان ڪريو- سائل ان کي ٻه اها ئي ضَرورت بيان ڪئي- ان شخص ڪڻڪ جون ڏهه ٻوريون، سو ڪلو گوشت ۽ ويهه دِرهم (چاندي جون اشرفيون) پيش ڪندي چيائين: اهي اوهان جي آل اولاد جي لاءِ سڄي زندگي هر مهيني هن ڏينهن جي فضيلت جي صدقي مقرر آهي- رات جو قاضي صاحب خواب ڏٺو ته ڪو چئي رهيو آهي ته نظر ڪٽي ڏس! جڏهن نگاهه مٿي ڪنئي ته ٻه عاليشان محل نظر آيا، هڪ چاندي ۽ سون جي سرن جو ۽ ٻيو ڳاڙهو ياقوت جو هو- قاضي پڇا ڪيائين: اهي ٻئي محل ڪنهن جا آهن؟ جواب مليو، جيڪڏهن تون سائل جي ضَرورت پوري ڪرين ها ته اهي توهان کي ملن ها پر جيئن ته توهان ان کي (هٿين خالي) موٽايو هو ان ڪري هاڻي اهي ٻئي محل فُلاڻي غير مُسلم جا آهن- قاضي صاحب بيدار ٿيو ته گهڻو پريشان هو- صبح ٿي ته غيرمسلم وٽ ويو ۽ ان کان پڇيائين ته ڪل تو ڪهڙي ''نيڪي'' ڪئي آهي؟ ان پڇا ڪئي، اوهان کي ڪيئن خبر پئي؟ قاضي صاحب پنهنجو خواب ٻڌايو ۽ پيشڪش ڪئي ته مون کان هڪ لک

درهم ونو ۽ ڪل واري ”نيڪي“ مون ڪي وڪڻي ڇڏ- تہ ان غير مسلم چيائين: رُوءِ زمين جي سڄي دولت ملي تہ بہ ان ڪي نہ وڪڻندس، الله پاڪ جي رحمت ۽ عنايت تمام گھڻي آهي- اهو چوڻ کان پوءِ هو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو- (روض الرياحين،الحکاية السابعة والعشرون۔۔۔الخ، ص۲۷۵)

اے خُدائے مصطفٰے میں ، تری رحمتوں پہ قُرباں

ہو کرم سے میری بخشش ، بطُفیلِ شاہِ جِیلاں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل واقعي مان جتي اهو معلوم ٿيو تہ عاشوري جي ڏينهن جون وڏيون فضيلتون آهن، اتي اهو بہ معلوم ٿيو تہ سنين سنين نيتن سان ڪنهن اسلامي ڀيڻ جي دل جوئي ڪرڻ، مشڪل وقت ۾ ان جي ڪم اچڻ نهايت عمده ۽ ربّ ڪريم جو پسنديده عمل آهي ڪنهن جي پريشاني دور ڪرڻ عرش جي ڇانو ماڻڻ وارن عملن مان هڪ نهايت ئي پيارو عمل آهي جي ها! اچو! حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو فرمانِ عاليشان ٻڌون ٿا: جيئن تہ: حُضُور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانو نہ هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا- عرض ڪيو ويو: يارسول اللهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ڪير ماڻهو آهن؟ ارشاد فرمايائون: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو- (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ۱۳۱حديث: ۳٦٦)

معلوم ٿيو تہ مسلمان جي پريشاني دور ڪرڻ نهايت فائيدي مند آهي. جڏهن تہ ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ يعني بغير اجازتِ شرعي دل ڏکائڻ ۽ ان جي حاجت روائي نہ ڪرڻ بُرو عمل ۽ نعمتِ الٰهي کان محروم ڪرڻ وارو عمل

آهي، ان غير مسلم هڪ مسلمان جي دل جوئي ڪئي، الله پاڪ جي مشيت ڏسو ان پنهنجي فضل سان ان دل جوئي جو ان کي اهو صلو ڏنو ته ان کي دولتِ ايمان جهڙي انمول نعمت عطا ڪري ڇڏي ۽ بي پاسي اهو مسلمان قاضي جنهن فقير جي دل جوئي نه ڪئي ۽ ان کي هٿين خالي موٽائي ڇڏيو، هو جنت جي عظيم نعمتن ۽ محلات کان محروم ٿي ويو، ٿورو سوچيو! جڏهن هڪ غير مسلم کي مسلمان جي دل جوئي ڪرڻ تي ايمان جهڙي عظيمُ الشّان ۽ انمول نعمتِ نصيب ٿي سگهي ٿي، جنت جو اعليٰ محل مُقدّر بڻجي سگهي ٿو، دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون حاصل ٿي سگهن ٿيون؟ ته جيڪو مسلمان هجي، آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي امتي (Ummah) هجي، هو جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ جي دل جوئي ڪري، مصيبت ۾ ڪنهن اسلامي ڀيڻ جي ڪم اچي، پريشاني ۾ ڪنهن اسلامي ڀيڻ جو سهارو بڻجي، غم ۽ تڪليف جي وقت ڪنهن اسلامي ڀيڻ جو ساٿ ڏئي، مشڪل وقت ۾ ڪنهن اسلامي ڀيڻ جي حاجت روائي ڪري ته يقينًا الله ڪريم اهڙي خيرخواه اسلامي ڀيڻ کي به بي شمار برڪتون عطا فرمائيندو- تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسلامي ڀينرن جي دل جوئي ڪرڻ وارا عمل ڪريون، انهن کي ناراض ڪرڻ وارن ڪمن کان بچون- اچو! دل جوئي جي تعريف ٻڌون ٿيون:

## دل جوئي جي تعريف

دل جُوئي يعني ٻين سان همدردي ڪرڻ، انهن جي دلين ۾ خوشي داخل ڪرڻ وغيره-

پر افسوس! هن دور ۾ معاشري ۾ ڪنهن اسلامي ڀيڻ جي دل خوش ڪرڻ وارا عمل گهٽ ۽ دل آزاري وارا ڪم عام ٿيندا پيا وڃن- ڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ جي باري ۾ غلط ڳالهيون ڦهلايون وينديون آهن ته ڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ جا عيب کوليا ويندا آهن، ڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ جون چغليون لڳايون وينديون آهن، ته ڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي ڏوکو ڏنو ويندو آهي، ڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ سان خيانت ڪئي ويندي آهي ته ڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي جاڻي واڻي نظر انداز ڪيو ويندو آهي، ڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي حقارت جي نظر سان ڏسي منهن ڦيريو ويندو آهي ته ڪڏهن

وڏو عهدو (Post) ملڻ تي ماتحت اسلامي ڀينرن تي ظلم و ستم ڪيو ويندو آهي، ڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ ڪي ذات پات جو طعنو ڏئي جهالت جو اظهار ڪيو ويندو آهي تہ ڪڏهن ڪنهن اِسلامي ڀيڻ جي قوم جي باري ۾ ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪري ان جي دل آزاري ڪئي ويندي آهي، ڪڏهن ٻن گهرن ۾ لڙائي ڪرائي انهن جو سڪون برباد ڪيو ويندو آهي تہ ڪڏهن ٻن عزيزن ۾ غلط فهميون پيدا ڪرائي انهن جو تماشو ڏنو ويندو آهي- هيئن سمجهو تہ ڄڻ ڪنهن جي راهہ تان ڪندا هٽائڻ جي بدران ڄڻ ڪندا وڇائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اَلغَرَض! في زمانہ دل آزاري ڪرڻ وارا ڪم وڏي خوشي سان ڪيا ويندا آهن پر دل جوئي وارن ڪمن ڪان پاسو ڪيو ويندو آهي- جڏهن تہ اسان جو دين (Religion) اهو چاهي ٿو تہ اسان هڪ ٻئي جون دل جوئيون ڪريون، ڇوتہ دل جوئي جا وڏا فائدا آهن-

* **دل جوئي** سان تعلقات مضبوط ٿين ٿا، * **دل جوئي** سان ناراضي ختم ٿئي ٿي، * **دل جوئي** سان محبتن ۾ اضافو ٿئي ٿو، * **دل جوئي** ڪرڻ سان نفرتون ختم ٿينديون آهن- * **دل جوئي** نيڪي جي ڪمن ۾ مدد ڪندي آهي- * **دل جوئي** جنت ڏانهن وني وڃڻ وارو ڪم آهي، * **دل جوئي** جهنم ڪان بچائيندي آهي، * **دل جوئي** سان دنيا بهتر ٿيندي آهي،* **دل جوئي** سان قبر بہ روشن ٿي سگهي ٿي، * **دل جوئي** اخرت ۾ بہ ڪاميابيون ڏياريندي، اَلغَرَض! دل جوئي ۾ فائدا ئي فائدا آهن- لهٰذا جائز طريقي سان مسلمان عورتن جو مسلمان عورتن، پنهنجي محارم ۽ ٻارن جي ڀيءُ جي دل جوئي ڪرڻ وڏي اجروثواب جو سبب آهي- ائين ڪرڻ سان جتي آخرت موچاري ٿيندي، اتي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مدد ملندي- اچو! دل جوئي ڪرڻ جي فضيلتن تي مشتمل (3) فرمانِ مُصطفيٰ ٻڌون ٿيون:

## دل جوئي جون فضيلتون

1. ارشاد فرمايائون: الله پاڪ جي ويجهو فرض جي ادائيگي ڪان پوءِ سڀ ڪان افضل عمل مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آهي- (معجم ڪبير، ۵۹/۱۱، حديث:۱۱۰۷۹)
2. ارشاد فرمايائون: بيشڪ مغفرت ڪي واجب ڪرڻ وارين شين مان تنهنجو

پنهنجي مسلمان ڀاء جي دل خوش ڪرڻ ٻه آهي- (معجم اوسط، ١٢٩/٦،حديث:٨٢٤٥)

3. ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص ڪنهن مسلمان جي دل خوش ڪندو آهي ته الله پاڪ ان خوشي سان هڪ ملائڪ پيدا ڪندو آهي جيڪو الله پاڪ جي عبادت ۽ ان جي وحدانيت بيان ڪندو رهندو آهي- جڏهن هو شخص مرڻ کان پوءِ پنهنجي قبر ۾ پهچندو آهي ته اهو ملائڪ ان وٽ اچي چوندو آهي: ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟ جواب ڏيندو آهي: توهان ڪير آهيو؟ هو چوندو آهي: مان اها خوشي آهيان جيڪا تو فلاڻي ٻانهي جي دل ۾ داخل ڪئي هئي ۽ اڄ مان تنهنجي دل وندرائي پريشاني پري ڪندس، مان توکي تنهنجي حجت ياد ڏياريندس، مان نڪيرين جي جواب ۾ تون کي حق تي ثابت قدم رکندس، مان قيامت جي ڏينهن تون سان گڏ هوندس، ربّ ڪريم جي بارگاهه ۾ تنهنجي شفاعت ڪندس ۽ جنت ۾ تنهنجو مقام ڏيکاريندس- (موسوعة ابن ابي الدنيا، قضاء الحوائج،٢١٣/٣، حديث: ١١٥)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هوئين ته محرّمُ الحرام جو سڄو مهينو ئي رحمتن ۽ برڪتن ڀريو آهي پر خاص (Specially) هن مهيني جو ڏهون ڏينهن جنهن کي عاشوراء چيو ويندو آهي ان جي شان و عظمت جي ڇا ڳالهه ڪجي، اهو ڏينهن اڳوڻين امتن ۾ به وڏو مڪرم ۽ محترم رهيو آهي، تاريخ هن ڏينهن جي اهم واقعن سان ڀري پئي آهي- هن ڏينهن ۾ عبادت ڪرڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، هن ڏينهن دعائون قبول ٿينديون آهن، هن ڏينهن حاجت مندن جون حاجتون پوريون ٿينديون آهن، هن ڏينهن تنگدستن جون تنگدستيون پري ٿينديون آهن ۽ انهيءَ ڏينهن غمزدن ۽ ڏکويلن جون مصيبتون دور ٿينديون آهن:

## شبِ عاشوراء جو وسيلو ڪم اچي ويو

دعوتِ اسلامي جي مڪتبةُ المدينه جي ڪتاب ”حڪايتيں اور نصيحتيں“

صفحي 457 تي آهي: **بصره ۾ هڪ مالدار** (Rich man) **شخص رهندو هو- هر سال شبِ عاشوراء(عاشوراء جي رات) پنهنجي گهر ۾ ماڻهن کي گڏ ڪندو هو جيڪي قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا ۽ الله پاڪ جو ذڪر ڪندا ها- اهڙي طرح سڄي رات تلاوتِ قرآن ۽ ذڪرِ الٰهي جو سلسلو جاري رهندو هو- پوءِ هو شخص سيني کي ڪاڌو پيش ڪندو هو- مسڪينن جي سار سنڀار لهندو هو- بيواهن ۽ يتيمن سان بہ سٺو سلوڪ ڪندو هو- ان جو هڪ پاڙيسري هو جنهن جي معذور نياڻي هئي- ان ڇوڪريءَ پنهنجي پيءُ کان پڇا ڪئي: اي منهنجا والدِ محترم! اسان جو پاڙيسري هر سال هن رات ماڻهن کي گڏ ڇو ڪندو آهي؟ ۽ پوءِ سيئي گڏجي تلاوتِ قرآن ۽ ذڪر ڪندا آهن- پيءُ ٻڌايو: اها عاشوراء جي رات آهي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ان جي تمام گهڻي فضيلت آهي- جڏهن سيئي گهر وارا سمهي پيا تہ اها ڇوڪريءَ سحري تائين بيدار رهي قرآنِ عظيم جي تلاوت ۽ ذڪرِ الٰهي ٻڌندي رهي- جڏهن ماڻهن قرآنِ حڪيم ختم ڪيو- تہ اها ڇوڪريءَ هن طرح دعا گهرڻ لڳي: يا الله! توکي هن رات جي حرمت جو واسطو ۽ انهن ماڻهن جو واسطو جن سڄي رات تنهنجو ذڪر ڪندي جاڳي گذاري آهي! مون کي عافيت عطا فرماءِ منهنجي تڪليف پري ڪر ۽ منهنجي دل جو غم پري فرما- اڃا ان جي دعا پوري بہ نہ ٿي هئي جو ان جي تڪليف ۽ بيماري ختم ٿي وئي ۽ هو پنهنجي پيرن تي بيهي رهي، جڏهن پيءُ ان کي پيرن تي بيٺل ڏٺائين تہ پڇا ڪيائين: اي منهنجي ڌيءُ! ڪنهن توکان هن رنج وغم ۽ مصيبت کي پري ڪيو آهي؟ تہ ان جواب ڏنو: الله ڪريم مون تي پنهنجي رحمت جو بادل وسايو ۽ انعامات ۽ نوازشات ۾ ذري برابر بخل نہ ڪيو- اي منهنجا والدِ محترم! مون پنهنجي پروردگار جي بارگاهه ۾ هن رات جو وسيلو پيش ڪيو تہ ان منهنجي تڪليف پري ڪري ڇڏي ۽ منهنجي جسم کي صحيح ڪري ڇڏيو-** (الروض الفائق في المواعظ والرقائق، المجلس الثاني والاربعون ۰۰۰الخ، ص ۲۳۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل واقعي مان هڪ ڳالھ اها معلوم ٿي تہ عاشوراء جي رات دعائون قبول (Accept) ٿين ٿيون، ٻيو اهو بہ معلوم ٿيو تہ اسان جا بُزرگ سڳورا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِمۡ شب عاشوراء ڪي عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندا هئا، هو نيڪ ماڻهو ٻين کي بہ گڏ ڪري ربّ ڪريم جو ذڪر ڪندا هئا، تلاوتِ قرآن ڪندا هئا، يتيمن ۽ غريب ۽ مسڪينِ ماڻهن جي سار سنڀار ڪندا هئا، ۽ ان رات جو بيحد ادب واحترام ڪندا هئا، پنهنجي رزقِ حلال مان نذر و نياز ڪندا هئا، تنهنڪري اسان کي بہ ان رات کي عبادت ۾ ۽ ڏينهن جو روزي جي حالت ۾ گذارڻ گهرجي- ڇوتہ عاشوراء جي ڏينهن جي هڪ فضيلت اها بہ آهي تہ ان ڏينهن روزو رکڻ جون وڏيون برڪتون آهن، خود اسان جي پياري آقا، مديني واري مُصطفٰيصَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڏينهن روزو رکڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي، اچو! عاشوراء جي ڏينهن روزو رکڻ جي فضيلتن تي ٿي (3) فرمانِ مُصطفٰي ٻڌون ٿيون:

## عاشوراء جي روزي جون فضيلتون

1. ارشاد فرمايائون: عاشوراء جو روزو رکو ان ڏينهن انبياءِ ڪرامعَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام روزو رکن ٿا- (جامع صغير،ص۳۱۲، حديث: ۵۰۶۷)
2. ارشاد فرمايائون: عاشوري جي ڏينهن جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، ان کان اڳ ۾ يا پوءِ بہ هڪ ڏينهن جو روزو رکو- (مسند امام احمد،۵۱۸/۱ حديث:۲۱۵۴) ياد رکو! جڏهن بہ عاشوري جو روزو رکون تہ گڏوگڏ نائين يا يارهين مُحَرمُ الحرام جو روزو بہ رکي وٺڻ بهتر آهي جيڪڏهن ڪنهن صرف 10 محرم الحرام جو روزو رکيو تڏهن بہ جائز آهي-
3. ارشاد فرمايائون: مون کي الله پاڪ تي گمان آهي تہ عاشوري جو روزو هڪ سال اڳ جا گناھ مِٽائي ڇڏيندو آهي- (مسلم، ڪتاب الصيام، باب استحباب صيام ثلاثة ايام ۰۰۰الخ،ص ۴۵۴،حديث:۲۷۴۶)

تیرے کرم سے اے کریم! کون سی شے ملی نہیں

جھولی ہماری تنگ ہے، تیرے یہاں کمی نہیں

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اسان يومِ عاشوراء يعني ڏهه محرم الحرام جون فضيلتون ۽ برڪتون ٻڌي رهيون هيون سين، يومِ عاشوراء جي فضيلتن مان هڪ ڳالهه اها بہ آهي تہ هن ڏينهن الله پاڪ 10 انبياءِ ڪرام کي مختلف اعزازات ۽ اڪرامات سان نوازيو هو- اهي اعزازات ڪهڙا هئا، اچو! ٻڌون ٿيون:

## يومِ عاشوراء جون مُبارڪ نسبتون

(1) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سَيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مدد فرمائي وئي ۽ فرعون ۽ ان جا پيروڪار هلاڪ ٿيا- (2) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سيّدُنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي ٻيڙي جُودي جبل تي بيٺي- (3) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سَيدنا يونس عَلَيۡهِ السَّلَام کي مڇي جي پيٽ مان نجات ملي- (4) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سيدنا آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي توبہ قبول ٿي- (5) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سَيدنا يوسفعَلَيۡهِ السَّلَام کي کوهه مان ڪڍيو ويو- (6) **انهيءَ ڏينهن** حضرتِ سَيدنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي ولادت ٿي **انهيءَ ڏينهن** پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي آسمان ڏانهن کنيو ويو- (7) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سَيدنا داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جي توبہ قبول ٿي- (8) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سَيدنا ابراهيمعَلَيۡهِ السَّلَام جي ولادت ٿي- (9) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سَيدنا يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي اکين جي روشني جو ضعف(يعني ڪمزوري)پري ٿي- (10) **انهيءَ ڏينهن** نبي اڪرم، نورِمجسمصَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مغفرت جي خوشخبر ملي- (11) **انهيءَ ڏينهن** حضرت سَيدنا ادريسعَلَيۡهِ السَّلَام کي آسمان تي کنيو ويو- (12) **انهيءَ ڏينهن** الله پاڪ حضرت سَيدنا ايوبعَلَيۡهِ السَّلَام جي آزمائش دور فرمائي- (13) **انهيءَ ڏينهن** حضرت

**سَيدنا سليمان**عَلَيۡهِ السَّلَام **کي بادشاهت عطا ٿي**-(عمدة القاري ،ڪتاب الصوم، تحت الباب صيام يوم عاشوراء،٢٣٣/٨ملخصاً )

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً عقل مندي جو تقاضو اهو آهي تہ جيڪا شيءِ جيتري معزز هجي ان کي ايتري ئي اهميت ڏني وڃي، هاڻي اسان يومِ عاشوراء ۾ ٿيڻ وارن اعزازن ۽ اهم واقعن کي پڙهيو، ان مان اهو معلوم ٿئيَ ٿو تہ اهو ڏينهن وڏي اهميت وارو آهي، تنهنڪري اسان کي بہ ان کي ايتري ئي اهميت ڏيڻ گهرجي، ان کي غفلتن ۾ نہ گذارڻ گهرجي، ان کي لايعني ڪمن ۾ نہ وڃائڻ گهرجي، بلڪ ان ڏينهن خوب خوب نيڪ عمل ڪرڻ گهرجن، ان ڏينهن وڌ کان وڌ نيڪيون ڪرڻ گهرجن، يومِ عاشوراء تي ڪهڙا ڪهڙا نيڪ عمل ڪرڻ گهرجن، اچو! پڙهون ٿيون:**

## يومِ عاشوراء جي عمل

**حضرت سَيدنا علامہ عبدالرحمٰن ابنِ جوزي**رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا: ڏهہ محرّم نهايت عظمت وارو ڏينهن آهي، تنهنڪري مناسب آهي تہ جيتري قدر ممڪن هجي چڱا ڪم ڪيا وڃن- ڀلائين جي هن موسم کي غنيمت سمجهو ۽ غفلت کان بچو-** (التبصرة لابن جوزي، المجلس الاول في ذڪر عاشوراء والمحرم،٨/٢ ملتقطا) (1) **يومِ عاشوراء جو روزو ۽ ان سان گڏ نائين يا يارهين محرمُ الحرام جو روزو بہ ملائي وٺو تہ جيئن يهودين جي مخالفت ٿي سگهي-** (مسند امام احمد،مسند عبد الله بن العباس--الخ،٥١٨/١، حديث:٢١٥٤ ماخوذا) (2) **حضرت سيدُنا علي المرتضيٰ**رَضِيَ اللهُ عَنۡه **جو فرمان آهي: عاشوراء جي ڏينهن جيڪو هزار ڀيرا سورهءِ اخلاص پڙهي تہ ان ڏانهن الله پاڪ نظر فرمائيندو ۽ جنهن ڏانهن رحمٰن نظر فرمائيندو ان کي ڪڏهن عذاب نہ ڏيندو-** (حاشية النور في فضائل الايام والشهور،المجلس الحادي عشرفي فضل عاشوراء، ص١٢٤) (3) **هن ڏينهن توبہ ۽ اِستغفار ڪريو ۽ بارگاهِ الٰهي مان توبہ تي قائم رهڻ جي خيرات طلب ڪريو-** (4) **والدين جي عزت ڪريو-** (5) **ڪاوڙ تي قابو رکو-** (6) **نفلن جي ڪثرت ڪريو-**(7) **سرمو لڳايو-** (النور في فضائل الايام والشهور، المجلس الحادي عشر في فضل عاشوراء، ص١٢٣) (8) **يومِ عاشوراء تي خاص ڪري اِثمِد سرمو لڳايو ان جي برڪت سان اکيون خراب نہ ٿينديون، جيئن تہ**

نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص يومِ عاشوراء(عاشوراء جي ڏينهن) اِثمِد سرمو اکين ۾ لڳائي ته ان جون اکيونَ ڪڏهن به خراب نه ٿيون- (شعب الايمان،باب في الصيام،صوم التاسع مع العاشر، ۳۶۷/۳، حديث:۳۷۹۷)

(9)اهڙي طرح 10 محرّمُ الحرام جو فضوليات کان بچو- (10) رشتيدار اسلامي ڀينرن سان ملاقات ڪريو- (11) خوشبو (fragrance) لڳايو- (12) روزيدارن کي افطار ڪرايو- (13) قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪريو- (14) ستّر ڀيرا سُبْحٰنَ الله جو وِرد ڪريو- (15) يتيم جي مٿي تي شفقت ڀريو هٿ ڦيريو- (16) ناراض مسلمانن ۾ صلح ڪرايو- (17) (ٿي سگهي ته) خوفِ خدا ۾ ڳوڙها ڳاڙيو- (مرقع علمي، ص190 ملتقطا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يومِ عاشوراءِ ۽ اسان

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان کي گهرجي ته يوم عاشوراء نه صرف پاڻ بلڪ پنهنجي گهر وارن (family members) کي به انهن عملن کي ڪرڻ ۽ ربّ ڪريم جي رضا حاصل ڪرڻ وارن نيڪ عملن جي ترغيب ڏياريون، ياد رکِو! جهڙي طرح يومِ عاشوراء ۾ نيڪ ڪم ڪرڻ جو ثواب گهڻو آهي اهڙي طرح گناه ڪرڻ جو عذاب به گهڻو آهي، پر افسوس! اڄڪلھ علمِ دين کان دُوري ۽ جهالت جي ڪري هن ڏينهن کي به اسان عام ڏينهن جيانَ غفلت ۽ فضوليات سان گڏوگڏ گناهن ۾ گذاريون ٿيون، نه نيڪ عملن جو ڪو فڪر هوندو آهي نه هن ڏينهن جي تعظيم جي، بلڪ هر طرف بي پردگي جا نظارا هوندا آهن، ڪٿي گهٽين بازارن ۾ ته ڪٿي قبرستان ۾ بي پرده عورتون گهمي رهيون هونديون آهن، اهڙي طرح 10 محرم الحرام تي ڪجھ گهرن ۾ طرح طرح جون خرافات ۽ فضول رسم و رواج ۾ قيمتي وقت ضايع ڪيو ويندو آهي، اچو! محرم الحرام ۽ خاص ڪري يومِ عاشوراء ۾ ڪيون ويندڙ برائين ۽ فضول رسمن بابت ٻڌون ٿيون:

## گهر ۾ ڪاڏو نہ بنائڻ

10 محرم الحرام تي ڪي عورتون گهر ۾ ماني نہ پچائينديون آهن ۽ نہ ئي گهر جي صفائي سترائي ڪنديون آهن ۽ نہ ئي ٻهارو ڏينديون آهن ۽ ڪي تہ اهڙيون آهن جو پورا ڏهہ ڏينهن گهر ۾ باهہ نہ ٻارينديون آهن ۽ باهہ ٻارڻ کي ناجائز ۽ حرام سمجهنديون آهن، ڏهہ ڏينهن گذري وڃڻ کان پوءِ ڪاڏو بنائينديون آهن-

ياد رکو! اسان جي دينِ اسلام ۾ انهن باطل رسمن جي ڪا حيثيت ناهي، ڇوتہ اسلام اهڙو دين آهي جيڪو اڳوڻن ۽ موجوده تمام باطل، بيهوده ۽ واهيات رسمن کي ختم ڪندو آهي- نيڪيون ڪرڻ ۽ شريعتِ مُطهره تي عمل جي ترغيب ڏياري ٿو، پر افسوس صد افسوس! اڄڪلهہ اَهڙي خلافِ شرع رسمون اسان جي معاشري ۽ گهرن ۾ وڏي زور و شور سان ڦهلجنديون پيون وڃن، اسان مان ڪيئي انهن رسمن ۾ ملوّث آهن ۽ پنهنجي گهروارن کي انهن خرافات ۾ ملوّث (Involved) ڏسي ڪري بہ پريشان ناهن ٿينديون ۽ نہ ئي انهن رسمن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ۽ جڏهن ڪو دين جو درد رکڻ واري اسلامي ڀيڻ اسان کي نيڪي جي دعوت ڏي ۽ سمجهائي تہ اهي رسمون تہ جائز نہ آهن تہ انهن تي غصي ۽ ناراضگي جو اظهار ڪيو ويندو آهي ۽ انهن کي اهو چئي خاموش ڪرايو ويندو آهي تہ تون تہ ڪلهہ جي ڇوڪري آهين، تو تہ هاڻي پڙهڻ لکڻ سکيو آهي- تو کي ڪهڙي خبر تہ اهي رسمون تہ اسان جي ابي ڏاڏي کان هلنديون پيون اچن-

ياد رکو! هر اهو ڪم جيڪو ناجائز هجي ان ڪري جائز نہ ٿي ويندو تہ ڪنهن جي ابي ڏاڏي ڪيو هو، اسان جي مسلمان هئڻ جي تقاضا اها ئي آهي تہ اسان پنهنجي خاندان ۾، پنهنجي علائقي ۾، پنهنجي پاڙي ۾ ۽ پنهنجي گهر ۾ موجود هر رسم کي شريعت جي مطابق ڪريون، جيڪڏهن اهو جائز هجي تہ ان کي ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي، ۽ جيڪڏهن اهو ناجائز هجي تہ ان کي يڪدم ترڪ ڪري ڇڏڻ گهرجي-

## ناجائز رسمون اپنائڻ وارن کي نصيحت

تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: اهڙن ماڻهن کي پنهنجي طرزِعمل تي غور

ڪرڻ گهرجي جيڪي شريعت جي خلاف رسمون ڪرڻ ۽ ٻيا اَفعال ڪرڻ تي ڪو شرعي دليل پيش ڪرڻ جي بدران اهو چوڻ لڳن ٿا تہ اسان جا وڏا ڏگهي عرصي کان اهي رسمون ۽ ڪم ڪندا پيا اچن ۽ اسان جي خاندان ۾ شايد ئي ڪوئي گهر اهڙو هجي جيڪو انهن رسمن ۽ ڪمن کي نہ ڪندو هجي، پوءِ ڪنهن جي چوڻ تي انهن شين کي ڪيئن ڇڏي سگهون ٿا! جيڪڏهن اهي ماڻهو الله پاڪ ۽ ان جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏنل احڪامن کي سامهون رکي پنهنجي طرزِ عمل تي صحيح طريقي سان غور ڪريون تہ انهن کي خبر پئجي ويندي تہ اَنهن جون رسمون ۽ اَفعال شريعت جي بلڪل خلاف آهن ۽ اهي انهن جي ڪلهن تي پنهنجي ۽ ٻين جي گناهن جو تمام وزني بوجھ آهي- الله ڪريم اهڙن ماڻهن کي عقلِ سليم عطا فرمائي ۽ شريعت جي احڪام جي مطابق عمل ڪرڻ ۽ انهن جي خلاف ڪم ڪرڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي، اٰمين-(صراط الجنان،۷/۱۰۴ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## يومِ عاشوراءِ ڪربلا جو واقعو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان محرّمُ الحرام جي فضيلتن ۽ برڪتن ۽ بالخصوص يومِ عاشوراء ۾ ڪيا ويندڙ عمل ۽ ان ڏينهن ۾ پيش ايندڙ واقعن جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيون سين، 10 محرم الحرام اسان کي هر سال شُهداءِ ڪربلا ۽ خاص ڪري نواسہءِ رسول، سيدُ الشُّهداء، اِمامِ عالي مقام حضرت سَيدُنااِمام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ياد بہ ڏياري ٿو، ڇوتہ ڏھ محرّمُ الحرام اِيڪهٺ (61) هجري جو تاريخِ اسلام ۾ حق و باطل جي وچ ۾ هڪ عظيم معرڪو پيش آيو، جنهن کي ڪربلا جي واقعي جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي، هن واقعي ۾ شُهداءِ ڪربلا رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي استقامت پري انداز تمام اهلِ حق کي باطل اڳيان مهاڏو اٽڪائڻ ۽ ضرورت پوڻ تي دينِ اسلام جي خاطر جان جو نذرانو پيش ڪرڻ جو عظيمُ الشّان سبق ڏنو- انهيءَ مناسبت سان حضرتِ سَيدنا اِمام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْه جي هڪ ڪرامت ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ

ڪجھہ نڪات ٻڌون ٿيون:

## گستاخ ۽ بد زبان باھ ۾

يومِ عاشورا(بروز جمعة المبارڪ 10 مُحَرّمُ الحرام) جو جڏھن امامِ عالي مقام امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪربلا جي ميدان ۾ خطبو ارشاد فرمائي رھيا ھئا ان وقت پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مظلوم قافلي جي خيمن جي حفاظت جي لاءِ کڏ ۾ ٻرندڙ باھ جي طرف ڏسي ھڪ بدزبان يزيدي (مالڪ بن عُروه) ھن طرح بڪواس ڪرڻ لڳو: "اي حسين! تون اتان جي باھ کان اڳ ھتي باھ لڳائي ڇڏي!" حضرت سيّدُنا امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: ڪَذَبْتَ يَا عَدُوَّ الله يعني "اي خدا جا دشمن! تون ڪوڙو آھين، ڇا توکي ھي گمان آھي تہ معاذالله مان دوزخ ۾ ويندس!"

اُن گستاخ و بدبخت جا الفاظ ٻڌي حضرتِ سيدنامسلم بن عوسجہرَضِیَ اللہُ عَنْہ جن حضرت امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان ان بد زبان بي ادب جي منھن تي تير ھڻڻ جي اجازت گھري- پر صبروتحمل جا پيڪر حضرتِ سيدنا امامِ حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن اھو فرمائي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيائون تہ اَسان جي طرفان حملي جي شروعات نہ ٿيڻ گھرجي، پوءِ حضرتِ سيدناامامِ حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ھٿ مٿي ڪٽي عرض ڪيائون: "اي ربّ! ھن گستاخ کي جھنّم جي باھ واري عذاب کان اڳ ھن دنيا ۾ ئي باھ جي عذاب ۾ مبتلا فرماءِ-" فورًا دعا قبول ٿي ۽ ان جي گھوڙي جو پير(کُر) زمين ۾ ڪنھن سوراخ ۾ پيو جنھن سان گھوڙي کي ٿابو آيو ۽ بي ادب گستاخ يزيدي گھوڙي تان ڪريو، ان جو پير رَڪاب ۾ اٽڪي پيو، گھوڙو ان کي گھليندي ڀڳو ۽ پوءِ باھ جي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيائين ۽ بد نصيب باھ ۾ سڙي خاڪ ٿي ويو- حضرتِ سيدناامامِ حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ شڪراني جو سجدو ادا ڪيو، الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا بيان ڪئي ۽ عرض ڪيائون: "اي الله تنھنجو شڪر آھي جو تو آلِ رسول جي گستاخ کي سزا ڏني-" (سوانحِ ڪربلا،ص١٣٨ ماخوذاً۔ڪرامات امامِ حسين ، ص٧ملخصاً)

اَہلبیتِ پاک سے بے باکیاں گستاخیاں لَعنَةُ اللهِ عَلَيكُم دُشمنَانِ اَہلبیت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل واقعي مان ھڪ تہ حضرتِ

سَيدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي شان و شوڪت ۽ بارگاھ الهي ۾ مقام و مرتبو ظاهر ٿي رِهيو آهي جو اجا سندن زبان مان لفظ نڪتا ئي هئا تہ يڪدم اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ قبول ٿيا ۽ هو گستاخ ۽ بد بخت دنيا و آخرت ۾ ذليل و رسوا ٿيو ۽ باھ جي عذاب ۾ مبتلا ٿي موت جي حوالي ٿي ويو- بيو اهو بہ معلوم ٿيو تہ جڏهن ڪو اسان جي دل آزاري ڪري يابدتميزي ڪري، بي شرمي ۽ بي حيائي جو مظاهرو ڪندي بدسلوڪي ڪري، گار ڏي، يا بي حيائي جي ڳالھ ڪري تہ ڪا انتقامي ڪاروائي ڪرڻ جي بدران پنهنجو معاملو اللّٰه پاڪ جي حوالي ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي ڳالهين تي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ صبر جو ذهن بنائڻ جي لاءِ ان مقدس هستين تي ميدانِ ڪربلا ۾ پيش ايندڙ مصيبتن تي غور ڪرڻ گهرجي

## صبر جي عادت بڻايو

ميدانِ ڪربلا ۾ حضرتِ سيدنا امامِ حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ تي جان، مال، اولاد، بک، اڃ، خوف ۽ طعني بازي جهڙيون سيئي آزمائشون آيون، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي نانا جان، ٻنهي جهانن جي سلطانصَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ڪلمو پڙهڻ وارا پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جا جاني دشمن بڻجي ويا ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيڻ لڳا، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ڀائرن، پٽن، ڀاڻيجن ۽ ڀائٽن کي شهيد ڪيو ويو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ساٿين کي تڪليفون ڏنيون ويون، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خاندان وارن کي ستايو ويو، پر پوءِ بہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ انهن سمورين آزمائشن ۾ ڪامياب ٿيا، صبر ۽ استقامت جو جبل بڻجي رهيا، رضاءِ الهي تي راضي رهندي زبان سان حمدِالٰهي ادا ڪندا رهيا ۽ انهن بد بختن کي برابر نيڪي جي دعوت ۽ اسلام جي تعليمات ڏيندا رهيا هڪ لفظ بہ بي صبري جو ادا نہ ڪيائون ايستائين جو سجدي جي حالت ۾ پنهنجي جان جو نذرانو بارگاھ خداوندي ۾ پيش ڪري ڇڏيو-

لهذا اسان کي گهرجي تہ انهن اللّٰه وارن جي سيرت طيبہ تي عمل ڪندي خوب نيڪي جي دعوت عام ڪريون، اسلامي ڀينرن کي گناهن کان بچائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪريون، راھ خدا ۾ ايندڙ مصيبتن تي صبر ڪريون ۽ هن مُبارڪ ڏينهن ۾ تلاوت قرآن، ذڪر ودرود، صدقو ۽ خيرات، نفل جي ڪثرت

۽ نذرونياز جي صورت ۾ انهن عظيم هستين کي خراج عقيدت پيش ڪريون ۽ انهن جي بارگاه ۾ خوب خوب ايصال ثواب ڪريون، ياد رکو! في زمانہ هن بابرڪت ڏينهن تي جيڪي ماڻهو ٿڌا شربت ۽ ڪچڙي تي امامِ حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي فاتحہ ڏيارين ٿا، اهي جائز و مستحب ۽ نيڪين ڀريو ڪم آهي:

## نياز ڪهڙي شيءِ تي ڏياريون؟

حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: محرم ۾ ڏهہ ڏينهن تائين خاص ڪري ڏهين جو حضرت سيدُنا امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ ٻين شهداءِ ڪربلا کي ايصالِ ثواب ڪيو ويندو آهي، ڪوئي شربت تي فاتحہ ڏياريندو آهي، ڪوئي کيرڻي تي، ڪو منائي تي، ڪوئي ماني ۽ گوشت تي، جنهن تي چاهيو فاتحہ ڏياريو جائز آهي، انهن کي جهڙي طرح ايصالِ ثواب ڪيو مَندوب(سنو عمل آهي) آهي- ڪوڙ ماڻهو پاڻي ۽ شربت جي سبيل لڳائيندا آهن، سياري ۾ چانهہ پياريندا آهن، ڪوئي ڪچڙو پچرائيندو آهي جيڪو نيڪ ڪم ڪريو ۽ ثواب پهچايو سڀ درست آهي، انهن سيني کي ناجائز نٿو چئي سگهجي، ڪن جاهلن ۾ مشهور آهي تہ محرم ۾ سواءِ شهداءِ ڪربلا جي ٻين جي فاتحہ نہ ڏياري وجي انهن جو اهو خيال غلط آهي، جهڙي طرح ٻين ڏينهن ۾ سيني جي فاتحہ ٿي سگهي ٿي، انهن ڏينهن ۾ بہ ٿي سگهي ٿي- ( بهارِ شريعت، حصه۳،۶۴۳/۱۶)

ايصالِ ثواب ڪرڻ جو هڪ طريقو يعني مومنن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ جو ثَبوت قرآنِ ڪريم ۾ واضح طور موجود آهي، جيئن سيپاري 28 سوره حشر جي آيت نَمبر 10 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ الَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَ لِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ

ترجمو: ۽ اهي جيڪي انهن ڪان پوءِ آيا عرض ڪن ٿا اي اسان جا رب اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي ڀائرن کي جن اسان کان اڳي ايمان آندو.

(پ 28، الحشر:10)

مشهور مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هتان ڪان ٻہ مسئلا معلوم ٿيا هڪ هي تہ صرف پنهنجي لاءِ دعا نہ ڪري، بزرگن جي لاءِ بہ ڪري، ٻيو هي تہ بزرگانِ دين خاص ڪري صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيت جا عرس، ختم، نياز، فاتحہ وغيرہ اهي سڀ شيون سنيون آهن جو هنن ۾ انهن بزرگن جي لاءِ دعا آهي.(تفسير نورالعرفان 873/28)

## احاديثِ مبارڪہ جي روشني ۾ ايصالِ ثواب

حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي والده جو انتقال ٿيو تہ انهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي والده محترمہ جو منهنجي غير موجودگي ۾ انتقال ٿي ويو آهي، جيڪڏهن مان ان جي طرف کان ڪجهہ صدقو ڪيان تہ ڇا ان کي ڪجهہ فائدو پهچي سگهي ٿو؟ تہ حضور ارشاد فرمايو: هائو، عرض ڪيائين: تہ مان اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گواهہ بڻائي چوان ٿو تہ منهنجو باغ ان جي طرف کان صدقو آهي. (بخاري، 241/2 حديث: 2762)

حضرت علامہ جلالُ الدّين سُيُوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا تہ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ستن ڏينهن تائين مُردن جي طرف کان کاڌو کارائيندا هئا. (الحاوي للفتاوي، 223/2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهہ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿي- تاجدارِ رسالت، شَهنْشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو-[1]

---

[1]... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنۃ،الفصل الثانی،۵۵/۱،حديث:۱۷۵

## سيد سڳورن جي تعظيم بابت مدني گل

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! سيد سڳورن جي تعظيم جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا- پهريان 2 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظه ڪريو- (1) فرمايائون: جيڪو منهنجي اَهلِ بَيت مان ڪنهن سان بہ سٺو سُلوڪ ڪندو، مان قِيامت جي ڏينهن ان جو صِلو (بَدلو) ان کي عطا ڪندس- (جامع صغير، ص۵۳۳، حديث:۸۸۲۱) (2) فرمايائون: جيڪو شخص اَولادِ عَبدُ المُطَّلِب مان ڪنهن سان دُنيا ۾ نيڪي (ڀلائي) ڪري ان جو صِلو ڏيڻ مون تي لازِم آهي جڏهن اهو قِيامت جي ڏينهن مون سان ملندو- (تاريخ بغداد،۱۰/ ۱۰۲،حديث:۵۲۲۱)★ سيد سڳورن جي تعظيم فرض آهي ۽ اُنهن جي توهين حرام-(ڪفريه ڪلمات کے بارے ميں سوال جواب ،ص۲۷۷)★سيد سڳورن جي تعظيم ۽ تڪريم جو اَصل سبب هي آهي تہ هي حضرات رسُول ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسمِ اَطهر جو ٽڪر آهن-(سادات ڪرام کي عظمت، ص۷)★سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم وتوقير مان هي بہ آهي تہ اهي تمام شيون جيڪي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت رکن ٿيون انهن جي تعظيم ڪئي وڃي- (اَلشِّفا، الباب الثالث في تعظيم امره،فصل ومن اِعظامه...الخ،ص۵۲،الجزء ۲ )-(سادات ڪرام کي عظمت، ص۸) ★تعظيم جي لاءِ نہ يقين دَرڪار آهي ۽ نہ ئي ڪا خاص سند جي حاجت تنهنڪري جيڪي ماڻهو سيد سڏرائين ٿا انهن جي تعظيم ڪرڻ گهرجي- (سادات ڪرام کي عظمت ص۱۴)★ جيڪو واقعي ۾ سيد نہ هجي ۽ ڄاڻي سيد بڻيو هو ملعون (لعنت ڪيو ويو) آهي، نہ ان جو فرض قبول ٿئي نہ نفل-(سادات ڪرام کي عظمت، ص۱۶)★ جيڪڏهن ڪو بد مذهب سيد هئڻ جي دعويٰ ڪري ۽ ان جي بدمذهبي حدِّ ڪفر تائين پهچي چڪي هجي تہ هرگز ان جي تعظيم نہ ڪئي وڃي-(سادات ڪرام کي عظمت، ص۱۷)★ سيدن جي تعظيم حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم آهي-(فتاويٰ رضويه ،۲۲/ ۴۲۳ ، ماخوذا)۔(سادات ڪرام کي عظمت، ص۸)★استاد بہ سيد کي مارڻ کان پرهيز ڪري-(ڪفريه ڪلمات کے بارے ميں سوال جواب،ص۲۸۴)★ سيد سڳورن کي اهڙي ڪم تي مُلازم رکي سگهجي ٿو

جنهن ۾ ذِلّت نہ هجي البت ذِلّت وارن ڪمن ۾ انهن کي ملازم رکڻ جائز نہ آهي-(سادات ڪرام جي عظمت، ص۱۲)★سيد جي بطورِ سيد يعني هو سيد آهي ان ڪري توهين ڪرڻ ڪفر آهي-( ڪفريه ڪلمات ڪے بارے ميں سوال جواب ص۲۷۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِیَه جا ٻہ رسالا "101 مدني گل" ۽ "163 مدني گل هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَ الله! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع آهي"امام حسين جي عبادت" جنهن ۾ امام عالي مقام، حضرت امامِ حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري، صدقو ۽ خيرات، فضائل ۽ مناقب، شان ۽ عظمت، آقا ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سان محبت ۽ خاص ڪري پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي عبادت جو ذوق ۽ شوق، عبادت جا واقعات بيان ڪيا ويندا ۽ آخر ۾ عاشوراء (10 محرم الحرام) جي ڏينهن روزو رکڻ جي فضيلتن جي حوالي سان ڪجهہ ڳالهيون بہ بيان ڪيون وينديون.

لهٰذا! آئنده اربع بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ڀين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي چئو: اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد